بسم الله الرحمٰن الرحيم

الهامي اقوال

مرتب ۽ ليکيک

فقير عامر علي درازي

بفيضانِ نظر

مرشد ڪيَريم

شهنشاهه صوفي فقير حڪيم وزير حَسين درازي قادري

رحمته الله عليه





شهنشاه عشق دولهہ درازي منصور آخر الزمان سنڌ جو طبريز
سلطان عشاقين حضرت سخي سچل سر مست درازي قادري

شهنشاه عشق دولهه درازي سچل ثاني محبوب الاهي
حضرت سخي قبول محمد چهارم درازي قادري



شهنشاه عشق سراج السالکين رهبر مکمل
حضرت سخي وزيرؒ سائين درازي قادري

اگر اللہ تعالیٰ جي ويجهو تيڻ تو چاهين ۽
سندس راز پروڙڻ تو چاهين ته صدق
دل سان شاه دراز هليو آ

پنهنجي پاران

هي ڪتاب مرشد ڪريم حضرت سخي وزيرڻ سائين درازي قادري جن جي حڪم مطابق لکيو ويو آهي هن ۾ تصوف جا خاص نڪتا سمجهايا ويا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو سالڪ پڙهندو تہ ان جي روحاني راھ ۾ رهنمائي ٿيندي، ان تي فخر سنڌ قادر الڪلام شاعر پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ بار بار فرمايو آهي تہ منهنجو ڪلام خواص جي پڙهڻ جي ڪابل آهي عوام ڪي ان جي معنيٰ و مطلب سمجهہ ۾ نہ ايندو، هيءَ حقيقت آهي تہ سرمست جو ڪلام عام ماڻهو جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. هي هڪ مرد قلندر جو ڪلام آهي ان ڪي سمجهڻ لاءِ بہ ڪر رند اهل دل هجي، جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ ” هي عشقي ڪلام آهي، فقط شاعري نہ آهي، ان ڪري ان ڪي گهٽ فهم ماڻهو سمجهي ناهن سگهندا.“

ٻئي هنڌ پاڻ فرمايو اٿن تہ ” هيءَ حقيقت توتي اثر نہ ڪندي چوتہ تون جنگلي ماڻهو آهين.

ڪتاب: سخي سر مست سچل جن جا الهامي اقوال ۾ سچل سرمست پنهنجي ڪلام ذريعي جيڪو پيغام ڏنو آهي، اهو سراپا حق آهي، هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جن جا الهامي اقوال زرين آهن.
ڪتاب ۾ سچل سرمست جن جا الامي اقوال زرين آهن.

سَگِ درازا فقير عامر علي درازي قادري
ڪنڊيارو سنڌ

(1)

“الله تعالىٰ جَل جَلالہٗ” جي نالي سان شروع ڪريان ٿو. جيڪو ستن آسمانن، ڇهن جهانن، پنجن حواسن ۽ چئن عناصرن جو خالق آهي.

(2)

“الله تعالىٰ” جو وجود ئي ذات حقيقي ۽ مستقل آهي. ٻئي جهان هڪ ڪليل ڪتاب وانگر آهن. ان جي قدرت ڪاملہ سڀني شين مان ظاهرٿيندي آهي.

(3)

اهو ئي تہ آهي، جنهن انسان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ۽ ان ۾ پاڪ روح ڦوڪيو.

(4)

“حق تعالىٰ” انسان کي جيڪا فضيلت بخشي آهي. ان جي ڪري حيات انساني شروع ڪان وٺي اڄ تائين، تمام وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

(5)

اهوفڪر ۽ نظريو، مجذوبي ۽ خيال جي وسعت تي منحصرآهي. تہ ڪو ڇا ٿو بڻجي ۽ ڪو ڇا ٿو ٿئي. ڪامل واعظي، ڪاتب ۽ معلم سڀني جا پنهنجا مسئلا آهن. ڪو زندگيءَ جا مونجهارا سلجهائڻ ۾ تہ ڪو ورد ۽ وظيفن ۾ مصروف آهي.

(6)

“حضرت مُحمَّدُ مُصطفيٰ صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن سڀني نبين جا سردار آهن. علم ۽ عرفان جا بحر بيڪران آهن. قاب قوسين جي حيثيت ان جي ويجهو ادنيٰ آهي.

(7)

ان امت کي ڀلا ڪهڙو غم جنهن جي “لَجَ سرڪار دو عالم صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن جي دامن رحمت سان واڳيل هجي. “سچل سرمست” کي ڪو فڪر ڇو ٿئي. “پاڻ سڳورن صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن جي لطف ۽ ڪرم، محتاجي جي گنجائش ئي نہ ڇڏي آهي.

(8)

اسان جي آقا و مولا “حضرت مُحمَّد مُصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن کي حق جي نظر سان ڏس. هو نبين ۽ اوليائن جا سردار آهن. “پاڻ سڳورن صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن جي هر ڳالھ کي حق سمجھ تہ جيئن ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿئين.

(9)

“حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن دين ۽ دنيا جي راھ ۾ پاڪ نور آهن. جنهن سڀني اونداهين کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. “پاڻ ڪريم صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن يقينن فخر زمان ۽ مڪان آهن. “پاڻ سڳورن صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن جي سروري ۽ بادشاهي دائمي آهي.

(10)

“محبوب ڪريم صَلّي الله عليہ وآلہ وسلمؒ” جن مرشد حقيقي آهن. ۽ حق جي اسرارن ۽ رمزن کان واقف آهن. انهن جي دل پاڪ سان ئي علم ۽ عقل جي تڪميل ٿيندي آهي. طريقت جا سالڪ ۽ سموري

جهانن جي رحمت جا امين آهن. سندن وسيلي سان ئي ماڻهو منزل تي پهچندا آهن.

(11)

هيءُ سمورو جهان ذات حق آهي. اُها ذات حق آهي.هن ڪثرت ۽ وحدت کي هڪ سمجھ، عشق جي راھ ۾ ڪو شڪ نہ ڪر.

(12)

هيءُ جهان تو ۾ آهي ۽ تون هن جهان ۾، سمورو عالم خيال ۽ گمان جي سواءِ ڪجھ ناهي. هن راز کي سمجھ، هن ڪان ڪٽائڻ ۽ مُنهن موڙڻ جي توفيق توکي ڪٿان ملي ۽ ڪنهن ڏني.

(13)

جڏهن وحدت جي سمنڊ جي لهر چڙهندي آهي تہ مان حيرت جي درياءَ ۾ غرق ٿي ويندو آهيان. تون ۽ مان ان درياءَ ۾ ٻڏي ويا آهيون، هاڻ ڪٿان مان ۽ ڪٿي تون.

(14)

جيئن مُردو غسل ڏيڻ واري جي هٿ ۾ هوندو آهي. پنهنجي پاڻ کي ائين سمجھ تہ مان مُردو آهيان ۽ هو زنده آهي اهو زنده ئي مون کي هلائيندو.

(15)

هيءُ جيڪي ڪجھ مان چئي رهيو آهيان، ان جو چوڻ وارو مان نہ آهيان، ڪو ٻيو آهي. هيءُ جستجو بہ مان نہ ٿو ڪريان، جستجو ڪرڻ وارو بہ اهو ئي آهي.

(16)

دل کي ٿي شيون سخت ڪنديون آهن.
1. گهڻو سمهڻ
2. گهڻو کائڻ
3. ۽ گهڻو ڳالهائڻ.

(17)

محنت ۽ محبت هڪ ئي شڪل جا ٻہ لفظ آهن. پر ٻنهي ۾ فرق آهي. اهڙو ئي فرق جهڙو درياءَ ۽ درياءَ جي لهر ۾ هوندو آهي.

(18)

نفس کي ٽن شين سان قابو ڪري سگهجي ٿو.
خاموشيءَ جي خنجرسان،
بک جي تلوار سان،
۽ تنهائيءَ جي نيزي سان.

(19)

غم ڪاري پاڻيءَ جي سمنڊ وانگر آهي. اهو سمنڊ جنهن مان قيمتي موتي نڪرندا آهن. خوشي پاڻيءَ جو درياءُ آهي، جنهن مان مڇيون نڪرنديون آهن.

(20)

محبت جو ٻوٽو لڳائي، نياز ۽ نوڙت سان ان جي آبياري ڪر، سڪل وڻ ۾ ميوو ناهي لڳندو. تون سر سبز ۽ ميوي ڏيڻ واري وڻ وانگر ٿي.

(21)

حق جي طالب کي گهرجي تہ هو پنهنجي ڪوڙي انا کي ختم ڪري ڇڏي. خالق حقيقيءَ جي دائمي صفتن سان بقا حاصل ڪري، ذات ۽ ڪائنات جي سيني جلوه گرين ۾ "الله تعاليٰ" جي تجلين جو مشاهدو

ڪري. ارشاد رباني آهي.اهو ئي "رب" اول، آخر اهو ئي ظاهر ۽ باطن، ان کي سڀني شين تي قدرت ڪامله حاصل آهي.

(22)

اي عزيزو! طالب کي گهرجي ته فنا جي ٻيڙيءَ ۾ ويهي، پر پهرئين اهو ڄاڻڻ گهرجي ته فنا جي ٻيڙي ڇا آهي؟ يعني "لااللّٰه" پوءِ سڀئي حواس پنهنجي وجود سميت هيٺان ڪان مٿي لا ۾ ڇڪي وٺي. ۽ درياءَ، الوهيت ۽ احديت جو سير ڪري، "اِلااللّٰه" ۾ ٽٻي هڻي ۽ بقا تائين پهچي وڃي.

(23)

اي عزيزو! ربوبيت جي تصور ۾ پنهنجيءَ دل کي دماغ بڻاءِ ۽ محبت جو ميوو ميڙ ۽ ان باغ جي پرورش توحيد جي پاڻيءَ سان ڪر.

(24)

پنهنجي روح کي توحيد جي نور سان منور ڪر. پنهنجي راز کي الوهيت جي رازن ۾ لڪائي ڇڏ، خلوص جو تاج مٿي تي رکي حاضري جي لاءِ ڪمر ٻڌ، عبوديت جي گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ وٺ، ان کي وحدت جي ميدان مان ڊڪائيندو احديت جي منزل تي پهچ.

(25)

فنا سان اسان جي وجود جو ڪهڙو رشتو آهي؟ هيءَ اها جاءِ آهي، جتي اچڻ ڪان پوءِ ڪو به ڪنهن ٻي جاءِ تي رهڻ پسند نه ڪندو آهي.

(26)

جيڪڏهن ڪو انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي وٺي، اهو "حق تعاليٰ" ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نٿو ڏسي، هڪ خاڪ جي پتلي ۾ جيڪا

حقيقت لڪل آهي، ان حقيقت جو عرفان ئي ڪائنات ۽ حيات جو حاصل سمجھ .

(27)

جنهن حسن حقيقيءَ کي ڏٺو، ان جي دل تان سڀئي حرف مٽجي ويا، زهد ۽ علم، تقويٰ ۽ عشق جي پيڪر ۾ ڍلجي ويو. پوءِ ان کي هوش نہ رهندو تہ دنيا ۽ آخرت جي حقيقت ڇا آهي.

(28)

هر عاشق اهو چوندو آهي تہ عاشقيءَ جي راه ڏکي آهي. جڏهن عاشقيءَ جي راه ڪنهن تي آسان ٿي وڃي تہ ان مٿان حقيقت جي انڪشاف ۾ دير نٿي لڳي تہ مان ڪير آهيان ۽ ڪٿي آهيان.

(29)

اي معبود حقيقي! عالم ۾ هر طرف تون ئي تون آهين، هر جاءِ تنهنجو ظهور آهي. ظاهر ۽ باطن ۾ توکانسواءِ ٻيو ڪو بہ ناهي، هيءَ ڪثرت تنهنجي ئي وحدت جو ڪرشمو آهي.

(30)

تون هن خاڪي گهر جو پکي ناهين، تنهنجو اصل گهر لامڪان آهي، هن خاڪي پڃري کي ڀڃي وهم ۽ گمان جي حدن کان پري نڪري وڃ.

(31)

تنهنجي هستيءَ ۽ مستيءَ ۾ سڀ ڪجهہ ان محبوب حقيقيءَ جو آهي، حيات ۽ ڪائنات جي هر حرڪت ان خالق ۽ مالڪ جي اختيار ۾ آهي.

(32)

حق تي پڪو يقين رکڻ معرفت اسرار آهي، دل ۾ صداقت جوش ۽ خروش پيدا ڪري خودپرستيءَ کان پري ڪري ٿي. "حق موجود"، "سدا موجود" جو ورد ڪرڻ سکي وٺ.

(33)

پنهنجي فڪر ۽ خيال کي خودپرستيءَ جي حوالي نہ ڪر، بيخوديءَ جي طرف قدم وڌاءِ، سمجهي ڇڏ تہ خودپرست ٿيڻ، خدا کان پري ٿيڻ آهي. اها علت ابليس جي آهي.

(34)

سالڪ اهو ناهي جنهن کي ڄاڻ نہ آهي. هن جو ۽ تنهنجو وجود هڪ آهي، جيڪو حق آهي. تون ڪثرت جي شڪ ۾ نہ پئہ، جوڪجهہ آهي، اُهو اِهو ئي آهي ۽ اُهوئي زنده رهندو.

(35)

اي خالق ۽ مالڪ! مان تنهنجو بندو آهيان، جهڙو بہ آهيان، گناهن ۽ خطائن جي توکي خبر آهي. تنهنجي ذات ۽ صفات ۾ ستاري ۽ غفاري جا جوهر آهن. مان تنهنجي آسري تي آهيان، منهنجي پرده پوشي فرماءِ.

(36)

اڪين ۾ سڀ ڪجهہ آهي، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو تون گمراهہ ٿي وڃين "اي سچل" توکي رمز سان شناسا ڪرڻ جي لاءِ تنهنجو هادي توسان گڏ آهي.

(37)

ڏکن ۾ زندگي گذارڻ مردن جو ڪم آهي. اهو عاشقن کي نٿو جڳائي تہ اهي هڪ پل بہ دوست کي وسارين.

(38)

بنا دلبر جي هڪ پل بہ اڪيلو گذارڻ عاشقن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن کان گھٽ نہ آهي، محبوب کي ياد رکڻ ئي انهن جي زندگي آهي.

(39)

درد مندن جي زندگي اها ئي آهي، هر پل ۽ هر لمحو محبوب جي تصور ۾ رهن، هيڏانهن هوڏانهن نظرون نہ ڦيرائن.

(40)

"اي سچل" سچڻ جو ڪم آهستي آهستي ماري وري زندگي ڏيڻ آهي.

(41)

سالڪ اهو آهي، جيڪو خدا کانسواءِ ٻي ڪا طلب نہ رکي. خدا جي طلب ئي خير جي نمونو آهي. سالڪ حياتي ۽ ڪائنات جي سيني جلون ۾ محبوب حقيقيءَ جو جلوو ڏسندو آهي.

(42)

قسمت کي پنهنجي پاڻ تي بہ اعتبار سمجھہ ۽ جبر کي حق تي اعتقاد، جبر جسم ۽ جان جي اختيار کان ٻاهر آهي، قسمت اها آهي جنهن کي ڪنهن حد تائين انسان کي اختيار هجي.

(43)

جنهن پنهنجو پاڻ کي ماريو، اهو هميشہ جي لاءِ زنده ٿي ويو. خدمت ۾ مخدومي حاصل ڪرڻ جو اهو ئي راز آهي.

(44)

"جبر" کي " قدر" تي پوري برتري حاصل آهي. ڪک ۽ پن تيز هوا سان اڏرڻ لڳندا آهن، درياءَ جو پاڻي گھڻو ڪجھ لوڙهي ويندو آهي.

"جبر" ۽ "قدر" ٻئي خدا جي قدرت ڪاملہ سان آهن. جيڪي قدرت ڪاملہ تي ايمان رکن ٿا، اهي "جبر" کان آزاد ٿي ويندا آهن.

(45)

قطرو عارضي طور تي پنهنجو جدا وجود رکندو آهي. پر پاڻيءَ ۾ ملي وري اهو ٿي درياءَ ٿي ويندو آهي. اها ان جي عاجزي تہ آهي، جنهن ڪري ڪيس پنهنجو وجود درياءَ جي لهر لهر ۾ نظر ايندو آهي.

(46)

محبت جو جذبو منهنجي رڳ رڳ ۾ موجود آهي. مظلومن جا ڏک ۽ سور منهنجو سرمايو آهن. سوز ۽ گداز جو سمنڊ منهنجي سيني ۾ موجود آهي.

(47)

هڪ سالڪ کي حق جي طلب کان سواءِ ٻئي ڪنهن نشي جي ضرورت نہ هوندي آهي. مالڪ حقيقيءَ جي محبت جي شراب جو جام پيئڻ سالڪ حقيقيءَ جي اڄ کي گھٽائيندو نہ آهي، پر اجا بہ وڌائيندو آهي.

(48)

مون مهراڻ جي موجن ۾ هڪ ٻيڙي ڏٺي، ماهر ملاح پاڻ کي درياءَ جو حاڪم سمجهيو، چالاڪ ۽ دغاباز مڇين جو شڪار ڪرڻ ۽ ٻين جي مال مارڻ ۾ لاجواب اسان جي هر وطنن دوکو ڪاڻو، خدا ظالمن کان ڪين محفوظ رکي.

(49)

سهڻيون ۽ طاقتور اکيون ڪنهن سان ڪو بہ مطلب نہ ٿيون رکن. انهن ۾ لڪين راز آهن، هزارن ۾ هڪ بہ عاشق اهڙا هوندا آهن، جيڪي انهن جا همراز ٿي سگهن ٿا.

(50)

هن ظالم جون اکيون تلوار آهن. عاشقن جو رت پي پي اهڙيون خوني ۽ جنوني ٿي پونديون آهن، جيئن "دراني" ، "رومي" ۽ "ارغوني فوجون".

(51)

اي سالڪ! پنهنجي وجود تي غور ڪر، پنهنجي حقيقت ڪي سڃاڻي "الله الله" ڪر. ان ۾ ڪو شڪ ۽ گمان نہ آهي تہ سچو ۽ حقيقي محبوب هڪ ئي آهي.

(52)

وهم ۽ گمان جي فريب ۾ اچي پاڻ کي الڳ ڇو سمجهان مان پاڻ ئي پنهون آهيان، هاڻي پنهنجو پاڻ سان عشق ڪرڻ لڳو آهيان. محبوب کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڇو ڳولهيان.

(53)

اي دوستو! اسان ڇا آهيون؟ اهو نہ ڄاڻون ڪڏهن برسات ٿيندي آهي، تہ ڪڏهن باھ جو طوفان اٿندو آهي، ڪڏهن دل کي سڪون ملندو آهي، ۽ ڪڏهن اکين مان ڳوڙهن جون نهرون وهي نڪرنديون آهن.

(54)

جتي ماڻهن جو هجوم آهي، مان اُتي نہ آهيان. مان تہ مٽي سان ڪفن ٻڌي منصور جي پيروي ڪري رهيو آهيان.

(55)

مونکي کو ڪجھ بہ چوي، ڪافر چوي يا مومن، شاعر چوي يا جادوگر، مُلا چوي يا مُفتي، قاضي چوي يا نمازي چوي يا روزيدار مان جوئي آهيان سوئي آهيان.

(56)

ذڪ معرفت جو رستو، دروازو کوليندو آهي. ذڪ کانسواءِ ٻيو رستو نہ آهي، ان سان ئي انسان کي وڏو مرتبو نصيب ٿيندو آهي.

(57)

ذڪ حق جي راھ جو رهبر آهي، دل ۽ جان ان سان ئي جيئرا آهن، اهو ذڪ ئي آهي جيڪو فقير کي شهنشاه بنائيندو آهي.

(58)

ذڪ محرم اسرار آهي، ذڪ طريقت جو رهبر بندگي ۽ توازگي ان جا نقش قدم آهن. ذڪ سان ئي حق جي غلاميءَ جو فرمان ملندو آهي.

(59)

طريقت جي ذڪين منزلن ۾ ٻيائيءَ کي ڇڏي سچائيءَ ۽ صفائيءَ جي رنگ ۾ ٻڏي وڃ تنهنجي تن ۽ من جي دنيا جو هڪ ٿي وڃڻ، حق پرستيءَ جو ثبوت آهي.

(60)

ٻين سان جنگ ڪرڻ ذڪي نہ آهي. جنگ ڪرڻي ائين تہ پنهنجي نفس سان جنگ ڪر، نفس کي سڃاڻ ۽ رحمان جي رحمت ۾ داخل ٿي وڃ.

(61)

تو هزارين ڪتاب پڙهيا، جن سان تو هزارين حجاب پنهنجي مٿان لاڳو ڪري ڇڏيا، دل تي مستيءَ ۽ بيخوديءَ جو جذبو طاري ٿي وڃي تہ پوءِ ڪنهن ڪتاب جا لفظ باقي نہ ٿا رهن.

(62)

عشق جنهن جي دامن کي پڪڙي اهو هرگز گمراهہ نہ ٿو ٿي سگهي.

(63)

آسمان تي ڪهڪشان جا نشان اصل ۾ عاشقن جي قافلي جا نقش قدم آهن. اهو عشق جو ڪاروان جيڪو اتان ڪڏهن گذريو هو.

(64)

جڏهن عشق ظاهر ٿيندو آهي، تہ "سجدا ۽ سجود" ڪٿي رهيا. "زهد ۽ تقوٰي" حيرت زده ٿي ڪري مست محويت جي عالم ۾ ہٽڻ لڳا. سڀ ڪجهہ بيخوديءَ جي نظر ٿي ويو.

(65)

مون عالمن ۽ حافظن جي بي علمي ڏٺي ۽ قاضين جي بيخبري، شريفن کي ڏکن ۽ پريشانين ۾ ڏٺو ۽ ڪمينن کي موج ڪندي ڏٺو. زاهد ۽ عابد حاڪمن جي در تي خوار ۽ خراب، ضمير فروش عالم ڪميٽي دنيا جي چڪر ۾ ڪوشان ڪتن جي ڳچيءَ ۾ سونا لاڪيٽ ڏٺم.

(66)

مان يوناني، عبراني، ايراني ۽ سرياني ڇا ڄاڻان. اي محبوب! مونکي تنهنجو علم گهرجي، مان توريت، انجيل ۽ زبور ڇاڻ، شاهہ عرب جي غلامن مان هڪ غلام آهيان ان ڪانسواءِ ٻيو ڄاڻڻ بہ ڇا آهي.

(67)

"الله تعاليٰ" جي اسم مبارڪ ڪي ائين سمجھ جيئن ڪو سونارو بي بھا موتيءَ ڪي سجائُندو آھي. جيڪي ماڻھو ڪچا آھن، اھي ان جو قرب ڪيئن حاصل ڪري سگھندا.

(68)

ڪنھن بہ شئي جي خريداريءَ ڪان سٺو آھي، "الله تعاليٰ" جي محبت جو سودو ڪيو وڃي. "غيرالله" جي سوديبازيءَ جا خيال ختم ڪر، "الله" جي محبت جو خريدار ٿي وڃ.

(69)

هر ساھ حق جو تصور ۾ " رسول ڪريم صلّي الله عليہ وآلہ وسلم" جن جي اسم گراميءَ سان گڏ ڪڻ. ھڪ ساھ بہ ان عمل ڪان خالي وڃڻ نہ ڏي. ان عمل ۾ ايترو تہ ٻڏي وڃ جو جسم جي ضرورت ٿي نہ رھي.

(70)

محبوب جي چمڪندڙ ڳلن تي زلفن جا پيچ ۾ خم ائين ٿا لڳن جيئن ڪارن نانگن گلابن جي گل ڪي پنھنجي جھوليءَ ۾ جھلي رکيو ھجي.

(71)

منھنجي پياري جون اکيون باز ۾ عقاب جھڙيون آھن، اھي پنھنجي شڪار جي تاڙ ۾ رھنديون آھن، انھن جي خمار ۾ آلودگي اھڙي آھي جيئن ڪو شرابي سُرور ۾ مستيءَ ۾ ٻڏل ھجي.

(72)

سهڻي يار جي اکين کي خالق خاص خوبين وارو ناهيو آهي. ان جي سُهڻي سُهڻي منهن ۾ لعل، ياقوت ۽ هيرا چمڪي رهيا آهن. ائين لڳي رهيو آهي جيئن ان حسين چهري تي بي بها موتين جا نشان هجن.

(73)

روشن شمع کان وڌيڪ روشن چهرو طرح طرح سان پنهنجي روشني پکيڙي رهيو آهي. جنهن کي ڏسي ڪري زاهدن به تسبيح، مسجد ۽ مصلي کي ڇڏي ڏنو آهي.

(74)

محبوب جو منهن چوڏهين جو چنڊ آهي، ان جي نوراني پيشانيءَ جو رنگ رحماني آهي، اهڙي نور جو ڪير ٿو تاب جهلي سگهي، "سچل" ته ان تي جان قربان به ڪري ڇڏي آهي.

(75)

سهڻو يار هميشه منهنجي روبرو ڪلندو رهندو آهي، هو هڪ گهڙيءَ لاءِ به منهنجو ساٿ نٿو ڇڏي، ۽ هر وقت منهنجي اکين ۾ سمايل رهندو آهي.

(76)

پنهنجي محبوب جون دلچسپ ڳالهيون جڏهن مونکي ياد اينديون آهن. دل ڏک مان پرجي ايندي آهي ۽ روئي روئي پنهنجو حال بڇائڻ لڳندو آهيان. "سچل" کي اهي گهڙيون ريجهائيندڙيون آهن، جيڪي محبوب جي قرب ۾ گذريون.

(77)

مان هميشه تنهنجي شرابي اکين مان سرور ۽ مستيءَ جو جام پي رهيو آهيان. "اي سچل" انهن اکين سان قتل ٿيڻ بہ لکين نيڪين جي برابر آهي.

(78)

ڪاش! منهنجي پيار جي باغ حسن کي خزان جي هوا نہ لڳي، ان جي جواني هميشہ قائم رهي.
"اي سچل" منهنجي دل نوراني آهي.
جنهن جو سمورو رنگ ۽ روپ رباني آهي.

(79)

اهو هڪ ئي محبوب آهي، جيڪو صورتون بدلي بدلي سامهون ايندو آهي. ڪٿي اهو هير آهي ۽ ڪٿي رانجهو، سچي حقيقت طلسم بڻجي وئي آهي. مان ڪنهن کان ان جي باري ۾ پڇان. سڀ لهرون ان ئي هڪ پاڻيءَ جون آهن.

(80)

هي جسم هڪ گهر وانگر آهي، ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ شاندار، روح ان ۾ ائين آهي جئين سپ ۾ موتي. همٿ کان ڪم وٺي اهوموتي حاصل ڪر، تہ جئين يگانو بڻجي وڃين.

(81)

نالي نمائش جي خواهش کي ختم ڪر، سلاميءَ کان پري رهہ، ڇا بادشاهي ۽ ڇا غلامي سيني ٻنڌڻن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اهو

ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪر ته تون ڪير آهين؟ پاڻ کي ذات ۽ صفات جي منزل ڏانهن متوجه ڪري ڇڏ.

(82)

پاڻيءَ سان ڀريل چشمي کي ڏس، جنهن ۾ چنڊ به نظر ايندو آهي ۽ سچ جو عڪس به. جڏهن ته سچ ۽ چنڊ پنهنجي اصلي جاءِ تي هوندا آهن. اهو چشمو پاڻيءَ سان ڀريل آهي، اها ئي ان جي اسرار جي ڪهاڻي آهي.

(83)

مينڻ جون ٿهيل مورتون ڪيترين ئي صورتن ۾ ظاهرٿينديون آهن. اصل ته اها ته اصل ۾ مينڻ آهي. جنهن مان اهي صورتون ٺهيون، بس مورتين کان مٿانهون ٿي ڪري ان جي حقيقت تي غور ڪر.

(84)

مان پنهنجي يار جو طنبورو آهيان ۽ انجي هٿ ۾ آهيان، هو منهنجي پر ۾ سرور ۾ گم آهي. منهنجا راز هن جي نغمن جي سوز ۾ آهن. منهنجيون ڳالهيون منهنجيون نه آهن هن جون آهن.

(85)

هڪ گهوڙو پنهنجي سوار سان گڏ درياءَ ۾ ڪري پيو. گهوڙو ته ٻڏي ويو، پر سوار پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ هن شڪر ادا ڪيو ته "الله تعاليٰ" هن جو مددگار ٿيو، گهوڙو ته عارضي سهارو هو.

(86)

اي پٽ! هيءَ راز جي ڳالهه مونکان ٻڌ، هيءُ جسم جيڪو تو وٽ آهي، انکي هڪ گهوڙو سمجهه، ان تي ڀروسو نه ڪر ۽ جسم کان آزاد ٿي ڪري خدا جي بارگاهه ۾ داخل ٿي وڃ.

(87)

دونهين کان هڪ فقير پڇيو، اي سياه پوش! ڪٿان آيو آهين ۽ ڪاڏي وڃڻو اٿئي؟ دونهين چيو مون زندگيءَ تان هٿ ڪڻي ڇڏيو آهي، خبر ناهي ته ڪٿان آيو آهيان ۽ ڪاڏي وڃڻو آهيان.

(88)

مان نٿو ڄاڻان بود ۽ نابود ڇا آهي. وجود ۽ عدم ڇا معنيٰ رکن ٿا. مان ته حيرت زده رهندو آهيان. ڪيئن ٻڌايان ته مان ڪير آهيان ۽ ڇا آهيان!.

(89)

هڪ عقلمند، بانسريءَ کان پڇيو. تون سڄي قيد ۾ آهين، تنهنجي فرياد ٻڌي ڪري منهنجو شوق وڌندو آهي، تون آه ڀريندي آهين ته اسان جي ساهه ۾ باهه لڳي ويندي آهي. بانسريءَ چيو ته مونکي پنهنجو آواز ٻڌڻ ۾ نه ايندو آهي، اهو ته هنرمند کان پڇو جيڪو آواز ڪيندو آهي.

(90)

ڪافور ڪي ڪليل هوا ۾ رکيو وڃي ته هوا ٿي ويندو آهي. تون به هوا سان ملي وڃ، ته جيئن راز آشنا ٿي سگهين، جوهر ذات اهو ئي آهي ته روح ڪائنات سان هر آهنگي حاصل ٿي سگهئي.

(91)

حق پاڪ سان ملڻو آهي ته اي پٽ! تون هن خاڪ جي مُٺ کي پيرن جي ڌوڙ سمجهه، ته جيئن روشني ۾ سج هڪ ٿي وڃن. اهو سج جنهن جو نور هرجاءِ ۽ هر طرف آهي.

(92)

عشق جيڪڏهن توکي قيد ڪري ته شاهاڻو شان پيدا ڪندو آهي. جنهن دل ۾ عشق جو گهر هجي، اهو ٽال مٽول کان ڪم نه وٺندو

آهي، عشق جي تجلي ۽ هن جهان جي خدائي رازن کي ظاهر ڪندي آهي.

(93)

اي پٽ! وجود مٽيءَ جو خيمو آهي، ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏ. اندر ۾ پاڪ سلطان جلوي گر آهي، ان مٽيءَ کي درگذر ته اهو توکي نظر اچي، اهو ڪو ٻيو نه آهي، تون پاڻ ئي آهين. ان تي يقين رک ته تون پاڻ کي ڏسي سگهين.

(94)

هيءُ مٽيءَ جو دلو جيڪو پاڻيءَ سان ڀريل آهي، پاڻيءَ سان ان ۾ ڪا خرابي نه ٿيندي آهي، پاڻي ته ذات پاڪ جي نشاني آهي.

(95)

اي پٽ! تون پنهنجي وجود کي ان خاڪي جسم تائين محدود نه رک، تون سُڪو نه پاڻي آهين، جهڙ نه سج آهين.

(96)

ڪوهه ڪماليه جي برفاني چوٽين تائين ڪير پهچندو آهي، اهي طالبن جون همتون ۽ حوصلا آهن، ڪاميابين ڏانهن وڌڻ ۽ جان تي کيڏي وڃڻ سولو ڪم نه آهي.

(97)

خدا سان سچي محبت ڪرڻ وارن جو حوصلو ڏسو، اهي سيني رشتن ۽ ناتن کان مٽانهون ٿي ڪري عشق کي پنهنجي ايمان جو آئينو بنائيندا آهن. جيڪا هن ڪميني دنيا جي ڄار ۾ نٿا ڦاسن، ۽ هن جهان جي تونگري انهن کي ملندي آهي.

(98)

انسان کي سوچڻ گھرجي تہ اهو ڪير آهي ۽ ڇا آهي؟ پنهنجي وجود جي راز کي جيڪو سڃاڻي وٺي اهو خدا جي صفتن جو حقدار هوندو آهي.

(99)

جو شخص دين حق کي ڇڏيندو آهي ۽ پنهنجي بزرگن جي نيڪين کي نہ اپنائيندو آهي تہ انکي زماني جي غلامي کان ذلت ۽ خواري ملندي آهي.

(100)

دل ۽ نظر، جسم ۽ جان جي گداز انسان کي ھنهي جهانن ۾ ڪامياب ڪندو آهي. سوز ۽ گداز کانسواءِ نہ محبت جي ڪا معنيٰ آهي نہ زندگيءَ جو ڪو مقصد.

(101)

جسم فانوس وانگر آهي ۽ جان هڪ روشن ڏيئو، تنهنجي اندر ۾ لڪل آهي، وچ مان جسم جي پردي کي هٽائي ڇڏ تہ اهو ڏيئو ظاهر ٿئي.

(102)

جيسيتائين ھچو سي مرغ جي بيدي جي اندر آهي، ڪليل هوا جي مٿانهين پرواز ڪيئن ٿي ملي سگھي. جڏهن بيدو ٽٽندو آهي تہ سي مرغ جي پرواز جي شروعات ٿيندي آهي، اها ئي سي مرغ با اختيار آهي، جو هر طرف ۽ هر جاءِ تي اڏري سگھي.

(103)

سپ کي پيچڻ سان ئي قيمتي موتي هٿ ايندو آهي. سپ ان موتيءَ جي لاءِ هڪ پردو آهي، جيسيتائين موتي سپ جي اندر آهي، پلا کهڙي ڪم جو. اسان جو هيءُ جسم بہ هڪ سپ ئي تہ آهي.

(104)

تنهنجا خيال ۽ نظريا، جسم جي ان خول ۾ بند ٿي رهجي نہ وڃن. تنهنجي اکين جي نور ۾ محبوب حقيقيءَ جو نور، ۽ خيال ۾ ان جوخيال رهي. سالڪ جي لاءِ ڪجهہ نہ هئڻ بہ سڀ ڪجهہ هئڻ جي علامت آهي.

(105)

ڪوهہ ڪوٽڻ لاءِ ڍير مٽيءَ جو ڪوٽڻو پوندو آهي. تڏهن وڃي ڪٿي اڻ ڏٺل پاڻيءَ جي شڪل نظر ايندي آهي. اهو ئي غيب تي يقين رکڻ آهي، جو زمين جي تهن مان پاڻي حاصل ڪبو آهي.

(106)

جهڙي طرح سهاڳو چانديءَ کي ڳاريندو آهي، ڪجهہ اهڙو ئي اثر عشق جو انساني جسم تي ٿيندو آهي، تو سهاڳي کي پير وَ مرشد جي نظر ڪرم سمجهہ يا عنايت خداونديءَ جي تاثير.

(107)

لوڻ جڏهن پاڻيءَ ۾ ڳري وڃي تہ لوڻ نہ رهندو آهي. اهڙيءَ طرح انسان بہ جڏهن معبود جي محبت ۾ گم ٿي ويندو آهي تہ انکي غيرت کان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي.

(108)

برف سج جي سامهون ڳري پاڻي ٿي ويندو آهي. اهو جميل پاڻي انسان وانگر آهي ۽ وهندڙ پاڻي خالق حقيقيءَ وانگر آهي.

(109)

ڪاغذ ۽ پاڻي هڪ جهڙا ڪيئن ٿا ٿي سگهن، ڪاغذ ڳري وڃڻ لاءِ هوندا آهن ۽ پاڻي باقي رهڻ لاءِ، هن ڪاغذي پهراڻ ڪي معرفت جي درياءَ ۾ وجهي ڇڏ، جسم ۽ جان جي وچ ۾ اهو وبال ڇو رهي؟

(110)

ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪريو، سٺي سلوڪ سان پراوا به پنهنجا ٿي ويندا آهن.

(111)

گڏجي سڏجي رهڻ ۾ راحت آهي، ماکيءَ جون مکيون گڏجي ڪري ڪوششون ڪنديون آهن، تڏهن وڃي ماکي پيدا ٿيندي آهي.

(112)

جيڪا دل پنهنجي مقصد سان لڳاءُ رکندي آهي، اها دل ڪڏهن به پوڙهي نه ٿيندي آهي، سچو لڳاءُ نه هجي ته جواني ۽ نوجوانيءَ مان ڇا حاصل.

(113)

دل جي ڪتاب کي، سورن سان پريل اکين سان پڙهه، ته تنهنجي سامهون جيڪي سوين حجاب آهن، اهي سڀ ختم ٿي وڃن.

(114)

اي دل! سونهن جي شمع جو پروانوٽي وڃ. عشق کان خالي دل فقط ويرانو آهي. جيئري دل اها آهي، جنهن ۾ عشق جي بادشاهي آهي.

(115)

طالب کي گھرجي تہ پنھنجي دل ۾ روحاني شھر آباد ڪري، شيطاني ڪمن کان بچڻ ۽ نفس کي پاڪ رکڻ جو اھو ئي سڀ کان بھتر طريقو آھي.

(116)

منھنجو محبوب مون وٽ موجود آھي. مان انکي ڏسي رهيو آھيان، مان ان جي حسن سبب مست آھيان، پر هو ھٽ نٿو اچي. وصل ۾ ھيءُ ھجر ڇو آھي. ڪير آھي، جيڪو مون ۾ آھي ۽ مان انکي نٿو سڃاڻان.

(117)

جنهن ۾ عشق آھي، اھا ئي دل خدا جو گھر آھي. جنھن جنھن کي عشق الاھيءَ جو نشو چڙھي ويو اھو نفعي ۽ نقصان جي فڪر کان آزاد ٿي ويو.

(118)

تنھنجي اندر تنھنجي ئي صورت آھي، تون پنھنجي ئي حسن تي عاشق آھين. تون پاڻ ئي پنھنجي چوڌاري ڦري رهيو آھين. ٻيائي شڪ ۽ شبھا پيدا ڪندي آھي، توحيد جو رستو وٺ، اھو سڀ ڪجھ ھڪ خدا جو جلوو آھي.

(119)

چمڪندڙ سج وانگر خدا جو جلوو ہہ ھرجاءِ آھي، اڪ اھا ئي اڪ آھي ان کي ڏسي سگھي، جيڪا نٿي ڏسي سگھي اھا گوشت پوست کانسواءِ ڪجھ نہ آھي.

(120)

عاشقيءَ ۾ جان ڏيڻ خوشي آهي، عقل روڪيندو آهي ته ٿورو ترس، پر عشق چوندو آهي ته تڪڙ ڪان ڪم وٺ.

(121)

تمام گهٽا چمڙا گڏ ٿيا ۽ سيني گڏجي فيصلو ڪيو ته اسان سجاڳ رهنداسين ۽ سچ ڏانهن اڏرنداسين. چمڙن نعرا بلند ڪيا ۽ اڏرڻ لڳا. نادانن اهو پئي سمجهيو ته اهي سچ ڪان اڳتي نڪري ويا آهن. پر اهي آخر ۾ بنا وارَن ۽ پَرَن جي اچي زمين تي ڪريا.

(122)

ڪنهن چپري ڪان پڇيو ته ويرانن ۾ ڇو رهندو آهين؟ جواب مليو ته ويرانن جو قدر ديوانن کي هوندو آهي. منهنجو گهر ڪيترو آباد آهي، جتي ماڻهو آزاديءَ سان رهندا آهن. جيڪي ايندا آهن، اهي واپس ناهن ويندا.

(123)

مان پنهنجي محبوب سان ملي به ملڻ جي حقيقت ڪان بي خبر آهيان، منهنجو محبوب من وٽ آهي، پر پوءِ به مان ان جي راهه ڏسي رهيو آهيان.

(124)

حسن جي شاهي فوج عاشقن جي مٿان چڙهائي ڪئي، نيڻ نشيلا حسن جا، فوج ٿي ڪري ظاهر ٿيا ۽ دل جي شهر کي ڦري ويا.

(125)

سنگِ ڪعبہ کي سجدو ڪرڻ بجاءِ حُسن کي سجدو ڪري دل جو سڪون حاصل ڪر. حسن جو جلوو ڏسي چا قاضي چا ملان سڀ حيرت زده آهن.

(126)

تون چا چائين تہ مون فقيري ڇو اختيار ڪئي؟ فقيريءَ ئي مونکي ٻنهي جهانن جي بادشاهي عطا ڪئي آهي.

(127)

نرم چپن جي سُرخي، لعل ۽ ياقوت کي شرمائي رهي آهي. ان حسن کي ڏسي لاليءَ جي دل تي بہ داغ آهن.

(128)

وصال ۾ هيءَ هجر ڪهڙو! ان حيرت کان مونکي عبرت حاصل ٿيندي آهي ان سبب جي ڪري منهنجيون اکيون رت روئنديون آهن.

(129)

گُلن جي حسن جو بهشتي باغ عجب تماشو ڏيکاري رهيو آهي. ان جي چوڪيداري هڪ حبشي غلام ڪري رهيو آهي. باغ ۾ اهڙا چنڊ، ستارا چمڪي رهيا آهن جو "سچل" کي بہ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو اٿن.

(130)

يارو! انهن غازين کي ڪهڙو غم، اهي تہ پنهنجي سرن جي پرواهہ ناهن ڪندا. محبت ڪرڻ وارا تہ دليريءَ سان پنهنجي جان بہ گهوري ڇڏيندا آهن.

(131)

اي پٽ! عشق کي ذات حق تصور ڪر، پر پهريون پنهنجي دل ۾ درد پيدا ڪر. عشق جي درد کانسواءِ اها سوچ ۽ سمجهه توکي ڪڏهن حاصل نہ ٿي سگهندي.

(132)

مون بادشاهن جي بادشاهي ڏٺي، اهي غريبن تي سوين ظلم ڪندا آهن، زماني جي گردش ۾ اهو بہ ڏٺو تہ بادشاهه فقير بڻجي ويا ۽ فقير بادشاهه ٿي ويا.

(133)

پنهنجيءَ دل ۾ عشق جو چاهه پيدا ڪر ۽ سڀني ڳالهين کي وساري ڇڏ تہ جيئن سموري ڪائنات تنهنجي تابع ٿي وڃي.

(134)

عشق جي دامن کي مضبوطيءَ سان پڪڙ، شيخي ۽ ڪوڙي وڏائي سان ڪجهه حاصل ناهي ٿيندو. انهن اجاين ڳالهين کان پري ٿيءُ ۽ "سرمستيءَ" کي اپناءِ.

(135)

جيڪڏهن درد جو هڪ ذرو بہ تنهنجي دل ۾ موجود آهي تہ اها تنهنجي خوش نصيبي آهي. افسوس جو تون ان راز کان واقف نہ آهين.

(136)

عشق جي حوس وارن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، ان جو قدرُ منزل حق جا عارف ٿي ڄاڻندا آهن.

(137)

درد منديءَ ڪانسواءِ زندگي ڇا ؟ درد ۽ ڏک توکي حاصل هجن تہ اها ئي تنهنجي لاءِ بادشاهي آهي، اها ئي تنهنجي لاءِ بادشاهي آهي، اها ئي سڀ ڪان وڏي هدايت ۽ عبادت آهي. اهو درد ئي توکي خدا تائين پهچائيندو.

(138)

جنهن دل عشق جو جام پيتو، اها هميشہ جي لاءِ مست ۽ بيخود ٿي وئي نہ دين ۽ مذهب رهيو ۽ نہ ڪفر ۽ اسلام.

(139)

مشتاقن جا ڏينهن ۽ رات مستيءَ ۾ گذرندا آهن، عاشقن جو اصل انجام سر گهورڻ هوندو آهي، "منصور" ان ڪري سُوليءَ کي سيج سمجهيو هو.

(140)

درد سان ئي ھنھي جهانن جي سربلندي آهي. درد "الله" جي راز جي ڄاڻ ڏيندو آهي. درد جو خمار زندگي جو نکار آهي.

(141)

عشق حقيقيءَ ۾ ڪو بہ ان حڪيم پاڪ باز جهڙو نہ آهي. دين جي دامن کي جنهن مالا مال ڪري ڇڏيو ھنھي جهانن ۾ ان جو ئي نور پکڙيل آهي.

(142)

هو رهنمائن جو بہ رهنما آهي، ان ئي خلق خدا تي غيب جا راز منڪشف ڪيا، ماڻهن کي حقيقت ۽ معرفت کان واقف ڪيو ۽ نہ ڄاڻ ڪيترن کي شهنشاهہ بڻائي ڇڏيو.

(143)

اول ۽ آخر سڀ ڪجھ ڏسڻ وارو، ٻڌڻ وارو ۽ چوڻ وارو اهو ئي خالق برحق آهي. جنهن جي حقانيت کان سواءِ زمين ۽ آسمان ۽ زمان ۽ مڪان جي ڪا بہ حقيقت نہ آهي.

(144)

نوراني حڪمت جي ان حڪيم سموري حڪمت خالق حقيقي کان ئي حاصل ڪئي. هو پنهنجي ملڪ ۾ انتهائي بلنديءَ تي پهتو، ان جي گهر ۾ هڪ آئينو هو، جنهن ۾ ٻئي جهان نظر ايندا آهن.

(145)

اي عاشق! صرف هڪ ئي گهڙي پنهنجي روح ۾ داخل ٿي وڃ ۽ رازدان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ممڪن آهي لامڪان جي عاشقن کي سمجهي سگهين.

(146)

"منصور" هڪ عجيب "سرمست" هو، حق جي راز کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ وارو هو. اسان ۽ توهان وانگر بي خبر نہ هو، هن معرفت جي منزل کي حاصل ڪيو ۽ جسماني طور فنا ٿي ويو.

(147)

لامڪان جا عاشق، توکي راهِ حق ۾ پيرن کان مٿي تائين رت ۾ ٻڏل نظر ايندا ۽ انهن جي زبان بند آهي.

(148)

عشق پوڙهن کي جواني عطا ڪندو آهي ۽ ڪمزورن کي طاقت سان نوازيندو آهي.

(149)

"منصور" بحر صفا جو هڪ سچو چاڻو ۽ معدن وفا جو عارف هو. هو ديني علمن کان چڱي طرح واقف هو ۽ "حق تعاليٰ" جو عاشق هو. هن "اناالحق" چئي اسرار الاهيء کي بي نقاب ڪري ڇڏيو.

(150)

جڏهن تون عشق ۾ يڪتا ٿي ويندين تہ توکي ابدي زندگي ملي ويندي ۽ دنيا تي حڪومت ڪرڻ لڳندين ۽ دنيا تنهنجي سامهون هڪ ذري يا قطري وانگر هوندي.

(151)

هيء سموري دنيا هڪ ئي ذات مان وجود ۾ آئي. عقل ۽ شعور کي بہ ڳالهائڻ جي طاقت بہ ان کان ئي ملي آهي.

(152)

"شيخ شبليء" پڇيو، تون هي اهم راز ڇو ظاهر ڪيو؟
"منصور" جواب ڏنو تہ، مان تہ اونهي سمنڊ ۾ آهيان، مان رت جي درياء ۾ غوطو هڻندس، رت سان وضو ڪندس ۽ پاڻ رت ٿي ويندس.

(153)

هيء تمام سهڻا ۽ گلاب جي گلن جهڙا محبوب جا ڳل ان تي قادر مطلق جا جوڙيل آهن. جنهن ان جي اکين ۽ ابروئن کي خمار عطا ڪيو آهي.

(154)

هڪ استاد آهي، جيڪو راز جو ڄاڻو نہ آهي. حڪيم پاڪ باز بہ آهي، جنهن "حق تعاليٰ" سان راز جون ڳالهيون ڪيون آهن. دنيا ۾ ڪو بہ ان جو همعصر نہ آهي.

(155)

عدم مان هڪ شيءِ وجود ۾ آئي، ۽ اها ٻنهي جهانن ۾ ظهور پذير ٿي ويئي.

(156)

تون حرف کي پنهنجي تصور ۾ آڻ. هڪ الف مان معنيٰ جا سوين حرف ٺهن ٿا.

(157)

جيڪو شخص پنهنجي اصليت کان واقف آهي، اهو ئي هن معمي جو مطلب سمجهي سگهي ٿو.

(158)

تون آئينو آهين، ۽ هو اهوئي آهي جو آئيني ۾ نظر اچي ٿو، ۽ آئينو انهيءَ لاءِ هوندو آهي، تہ ان ۾ صورت ڏٺي وڃي.

(159)

جڏهن ڇولي درياهہ کان ٻاهر اٿلي، تڏهن بيابان جو رخ ڪيائين.

(160)

سڄو بيابان درياهہ جي وهڪري هيٺ اچي ويو، ان کان بيابان سرسبز ٿي ويو.

(161)

جيڪڏهن درياهہ اهڙيءَ طرح لهرون نہ هڻي، تہ جيڪر هيءُ سيلاب جو رخ بيابان طرف ڪيئن ڪئي؟

(162)

دل کي قرار ڪونهي، ان ۾ الا ٽا پڙڪن، ۽ اهو ئي منهنجي عاشق هجڻ جو سبب آهي. ميخاني ويندي جڏهن مسجد وٽان لنگهيس تہ تسبيح چني ڇڏيم.

(163)

مان پنهنجي سرمستيءَ جي کهڙي ڪيفيت بيان ڪريان. ڪڏهن بلنديءَ تي آهيان، تہ ڪڏهن پستيءَ تي آهيان. ماڻهن ۾ بدنام ٿيس. نہ خاص ماڻهن ۾ شمار ٿيان ٿو، نہ عوام ۾. نہ مقتدي آهيان، نہ امام. پر زهد کي بهرحال مون ترڪ ڪري ڇڏيو آهي.

(164)

مون کي عشق کان درد انعام ۾ مليو آهي. وقت جو مقام منهنجي منزل مقصود آهي. عشق جو ڪو بہ علاج ڪونهي. مون عشق جو بگل وڄايو، دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي ۽ انهيءَ ڪري منهنجو شمار خاص ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳو آهي.

(165)

جسم طنبورو آهي، ۽ تار زبان جي مثل آهي، جيڪا الله جا لڪل راز بيان ڪري ٿي.

(166)

تار جان آهي، ۽ دل طنبورو آهي، جا آگر جي اشاري سان ٻڌائي ٿي.

(167)

اها حقيقت جڏهن تار پوري ڪئي، تہ پوءِ خود بخود صبر ۾ اچي ويئي، وڏيڪ سلام.

(168)

برف جڏهن سج ڏانهن ٿي منهن ڪري، تہ ڳري وڃي ٿي ۽ پاڻي ٿيو پوي.

(169)

اصل اهو پاڻي هو، جنهن مان برف ٺهي. برف اهو ساڳيو پاڻي آهي. هيءُ لفظ سمجهہ .

(170)

جڏهن هئڻ ۾ آئي، تہ برف ٿي ۽ جڏهن وري ڳري ويئي، تہ هن جي هستي هلي ويئي.

(171)

ڳرڻ کان پوءِ هن مان سوين ڪم ٿيا. ان مان ڪي ئي کيتيون ۽ سبزيون آباد ٿيون.

(172)

نگاهہ ۾ پاڻ کي جيڪڏهن محو ڪري ڇڏيندين، تہ تون الله جي حضور ۾ پهچي سگهندين.

(173)

پنهنجي وجود کان تون بي خبر رهہ پنهنجي خيال کي نظر ۾ رک.

(174)

ڪثرت کان جي پاڻ ٻاهر ڪرين، تہ ٻنهي جهانن جو تون بادشاهہ ٿئين.

(175)

جسم کي گم ڪر ۽ نظر کي سجاڻ اها حقيقت تہ پنهنجي قياس ۾ آڻ.

(176)

اهو درد سياڳائي آهي، انهيءُ درد ۾ سموري هدايت سمايل آهي.

(177)

درد سڀ منزلون طيءِ ڪري ٿو، ۽ پنهنجي جهانن ۾ عشق عطا ڪري ٿو.

(178)

هر بادشاهي غرور گر ڪري ٿو، تاج، تخت ۽ غرور کي هٽائي ٿو.

(179)

هن محبوب اوچتو جلوو ڏيکاري، منهنجي دل ڪسي ورتي ۽ محبت جي ميدان ۾ عجب انداز سان مون کي شڪار ڪيو.

(180)

ان جا خمدار ابرو ڪمان وانگر آهن ۽ ان جون ڪاريون اکيون مست آهن، جن پلڪن جا تير هلائي مون کي گهايل ڪري ڇڏيو.

(181)

وجود حقيقي هڪ آهي، يعني فقط خدا ئي موجود آهي، ۽ ٻيو ڪجهه به نه آهي. هر شئي انهيءَ مان آهي، ۽ انهيءَ ۾ آهي، جيئن سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجون، جن جو وجود حقيقي ناهي، پر اضافي آهي. حقيقت ۾ انهن جو فقط نمود آهي، جيڪو تعين جي ڪري آهي. تعين جو مٽجڻ، موجن ۽ لهرن جي فنا آهي. تعينات يعني موجون ۽ لهرون مٽجنديون رهنديون آهن، پر سمنڊ باقي رهندو آهي.

(182)

وجود حقيقي ئي ذات آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن اهي ٻئي جدا جدا حقيقتون هجن، ته توحيد انهيءَ مرحلي تي ئي ختم ٿي وڃي.

(183)

وجود حقيقي هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو.

(184)

هو واجب الوجود آهي، يعني پنهنجي "هئڻ" ۾ ڪنهن جو محتاج نه آهي. هو پنهنجي ذات ۾ پاڻ قائم آهي، ۽ اهڙيءَ طرح هميشه رهندو.

(185)

هو واحد ۽ لامحدود آهي. جيڪڏهن ان وانگر ٻيو وجود تسليم ڪيو ويندو، ته وجود حقيقي نه واحد رهندو، نه لامحدود.

(186)

ان جون ٻه شاخون خاص آهن، تنزيه ۽ تشبيهه . يعني اهو ئي عالم تنزيه ۾ موجود آهي، ۽ اهو ئي عالم تشبيهه ۾ به جلوه گر آهي.

(187)

اهو حلول ۽ اتحاد کان پاڪ آهي، ڇاڪاڻ جو ان لاءِ به ٻن وجودن جو تسليم ڪرڻ ضروري ٿيندو.

(188)

اهو بي مثل آهي، ڇاڪاڻ جو مثل بنجڻ لاءِ به ٻئي وجود کي ميڙو پوندو.

(189)

ان جو ضد ڪونهي، ڇاڪاڻ جو ضد لاءِ به ٻئي وجود جو به اقرار ڪرڻو پوندو.

(190)

عالم جي ڪثرت ان جي احديت يا وحدت جي منافي نہ آهي، بلڪ ڪثرت، وحدت مان ٿي وجود ورتو آهي. انهيءَ ڪثرت ۽ وحدت ۾ ويڇو ڪبو، تہ ٻن وجودن کي تسليم ڪرڻو پوندو. انهيءَ ڪري وحدت ۽ ڪثرت هڪ ڪري ڄاڻجي

ديوان آشكار:

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي دروازي کان سواءِ ، روحاني راھ ڏيکاريندڙ ڪا بہ راھ ڪونھي: فرمايو اٿس:

اي بجز دروازه احمد راه نيست . درنميداني دلت آگاه نيست

(اي دوست!محمّد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ جي دروازي کان سواءِ ٻي ڪا بہ راھ ڪونھي، جيڪڏھن تون انھيءَ ڳالھ کي نہ ٿو سمجھين، تہ تنھنجي دل حقيقت حال کان آگاھ ناھي.)

ٻئي جھان ۾نهي جھانن جي سردار جي نور سان منور آھن:

جز محمد نيست درکون و مکان . جز علي ديگر کسي همراه نيست

(حضرت محمّد صلي الله عليہ وآلہ وسلم کان سواءِ ڪون و مکان ۾ ٻيو ڪجھ بہ ڪونھي. علي ڪرم الله وجھه کان سواءِ ڪو بہ رھنما ۽ ساٿي ڪونھي.)

مثنوي عشق نامہ :

(آن محمّد بادشاه دوجهان . اين سر اسرار زد گشتہ عيان)

(حضرت محمّد صلي الله عليہ وآلہ وسلم ٻنھي جھانن جو بادشاھ آھي. الله تعاليٰ جا سڀ راز ڪائنات ۾ ظاھر ٿيا.)

مثنوي و صلت نامہ :

من راني گفت آخر مصطفيٰ . چند باشي درحجاب اي بيوفا

(حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم "من راني" (1) فرمايو آھي. پوءِ اي وفا تون ڪيستائين حجاب ۾ رھندين)

---

(1) ھيءَ صوفين وٽ حديث مشھور آھي. ان جو مطلب آھي: "جنھن مونکي ڏٺو، تنھن ڄڻ الله کي ڏٺو".

مصطفيٰ آمد درين ره رازدان . تو ڪمال خويش از وي بازدان

(محمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ھن راھ جا رھبر ٿي آيا. ھو سڀني انبيائن ۽ اوليائن جا امام آھن.)

مصطفيٰ آمد درين ره رازدان . تو ڪمال خويش از وي بازدان

(محمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم انھيءَ راھ جا ڄاڻندڙ آھن. تون پنھنجو ڪمال انھيءَ جي طرفان ڪان سمجھ)

مصطفٰي آمد درين ره نور پاک . جملۀ ظلمات را کرده هلاک
(محمد مصطفٰي صلي الله عليہ وآلہ وسلم هن راھ ۾ هڪ پاڪ نور آهن؛ جنهن سڀني اونداهين کي ختم ڪيو آهي.)
مصطفٰي آمد يقين فخر زمان . تاجدار و بادشاه جاودان
(محمد مصطفٰي صلي الله عليہ وآلہ وسلم يقيناً فخر ڪائنات آهن؛ پنهي جهانن جا تاجدار ۽ هميشہ لاءِ بادشاھ آهن.)
مصطفٰي آمد درين ره پير راه دامن او گير تا گروي تو شاه
(محمد مصطفٰي صلي الله عليہ وآلہ وسلم هن راھ ۾ حقيقي مرشد آهن، تون سندن دامن لڳنديں تہ بادشاھ ٿي وينديں.)
محمد آمد درين ره عقل کل . عقل ها جملہ از ويا بند کل
(محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم هن راھ ۾ عاقل آهن. جنهن کان سموريون دانائيون تڪميل کي پهچن ٿيون.)
مصطفٰي آمد درين ره شادمان . سرِ معنيٰ را بديدہ او عيان
(محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن هن راھ ۾ پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڪري تمام خوش آهن، ڇاڪاڻ جو هنن اصل حقيقت کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي.)
مصطفيٰ آمد درين ره شاہ . دين قطب عالم رحمۃ للعالمين
(محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن هن راھ ۾ دين جا شهنشاھ، دنيا جا هادي ۽ رهبر، جملي جهانن لاءِ رحمت آهن.)
غزل بحر طويل:
اي دل دربارگاه مصطفيٰ هوشيار باش . گر توعاشق صادقي از غير او بيزار
(اي دل! حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ جي حضور اقدس ۾ با ادب ٿيءُ. جيڪڏهن تون عاشق صادق آهين، تہ ان جي غير کان بيزاري اختيار ڪر)

ختم شده

اختتاميه

الاهي آمين يا رب العالمين

الله پاڪ هن عاجزانه خدمت کي قبول فرمائي

بفيضانِ نظر مرشدِ ڪريم

شهنشاهه صوفي فقير حڪيم وزير حسين درازي قادري

رحمة الله عليه

مرتب: فقير عامر علي درازي

بفضان نظر مرشد ڪريم

شهنشاه صوفي فَقيرِ حڪيم وزيرِ حسين دِرازي قادري

رحمتہِ اللّٰہ عليه

هي ڪتاب مرشد ڪريم حضرت سخي سرمست سچل فقير جي الهامي اقوال جو مجموعو آهي، جنهن ۾ عشق، معرفت، اهل محبت، اللہ جي ذات، رسول جي محبت، سنت جي اهميت، دين جي حقيقت، نفس جي سڌار، ۽ روحاني رهنمائيءَ جا قيمتي اقوال شامل آهن.

اهي اقوال دل کي اللّٰہ طرف متوجه ڪن ٿا، انسان کي باطن جي سفر تي گامزن ڪن ٿا ۽ روح کي سچل سرمست جي معرفت اسان جي سائين سان ملڻ جي ترغيب ڏين ٿا.

اميد آهي تہ هيءَ ڪتاب پڙهندڙن لاءِ روحاني روشني، هدايت ۽ دل کي سڪون ڏين وارو ثابت ٿيندو.

ترتيب ۽ زنگهان:

فقير عامر علي درازي